# Wheat-ڪڻڪ

## (پيداواري حڪمت عملي)



**DIRECTORATE INFORMATION AGRICULTURE EXTENSION SINDH**

**زرعي اطلاعات، زرعي توسيع**

**زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ**

2021-2022

## تعارف:

ڪڻڪ سنڌ جي ربيع جو اهم فصل آهي. جيڪو آبادگارن جي پنهنجي خوراڪي ضرورتن جي پورائي سان گڏ سندن آمدنيءَ جو بہ مُکيہ ذريعو آهي.

ڪڻڪ جي فصل مان عام طور تي آبادگار سراسري پيداوار ويھ پنجويھ مڻ في ايڪڙ ڪڻن ٿا. جيڪا پيداوار نهايت ئي گهٽ آهي، جڏهن تہ سنڌ جا ڪجھ آبادگار ڪڻڪ مان اسي پنجاسي مڻ في ايڪڙ پڻ ڪڻي رهيا آهن. جنهن جو مطلب هي آهي تہ ڪڻڪ جي فصل ۾ پيداوار ڏيڻ جي صلاحيت گهڻي سٺي آهي، صرف غور ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ ڪهڙي طريقي سان ۽ ڪهڙين ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ سان سٺي پيداوار ڪڻي سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ گذارش هيءَ آهي تہ ڪڻڪ جي پوکيءَ لاءِ زمين جي چونڊ ۽ تياريءَ کان وٺي ٿريشر هڻڻ تائين هر ڪم کي نهايت ڌيان سان ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ ماهرن جي ڏنل تجويزن تي مڪمل طور تي عمل ڪرڻ سان ئي سٺي پيداوار ڪڻي سگهجي ٿي.

## زمين جي چونڊ ۽ تياري:

ڪڻڪ لاءِ اهڙي زمين چونڊ ڪجي جيڪا زرخيز ۽ نامياتي مادي سان ڀرپور هجي. پر جيڪڏهن زمين ڪمزور هجي تہ اُن زمين کي ڪڻڪ پوکڻ کان هڪ مهينو پهرين ڳريل سڙيل وٿاڻ جي ڀاڻ جون 3 ٽرڪون ڏئي هرن سان ملائي ريج ڪجي. ٿي سگهي تہ ٻنو ريج ڪجي تہ جيئن ڀاڻ زمين ۾ چڱي ريت ڳري ملي وڃي. جنهن بعد زمين کي ٽوس ڪلٽيويٽر جا ٻہ هر ڏئي پوکيءَ لاءِ تيار ڪجي. ناڙي پوک لاءِ ڪلٽيويٽر پويان ڳاڏي ٻڌجي تہ جيئن زمين ۾ سيڪ موجود رهي.

جيڪڏهن زمين هموار نہ هجي تہ پوءِ زمين کي ليزر مشين ذريعي سنوت ۾ آڻجي تہ جيئن فصل کي هڪجيترو پاڻي ۽ ڀاڻ ملي سگهي.

## جنسون ۽ پوکيءَ جي مُند:

ڪڻڪ جي فصل جون نهايت ئي اعليٰ آڳاٽيون، پاڇاٽيون ۽ سڄي مند واريون جنسون موجود آهن. جيڪي مقرر وقت تي پوکي ڪرڻ سان تمام سٺي پيداوار ڏين ٿيون پر اُنهن کي پنهنجي وقت کان آڳاٽو يا پاڇاٽو ڪري پوکڻ سان ڀلي پيداوار نٿي لهي ان ڪري هيٺ ڄاڻايل جنسن مان بهترين پيداوار ڪڍڻ لاءِ لازمي طور تي انهن کي سفارش ڪيل وقت تي ئي پوکڻ گهرجي:

| سفارش ڪيل جنسو | علائقو | پوکيءَ جو وقت |
|---|---|---|
| بنيظير-13، حمل - 13 موومل - 89، آبادگار-93، سرسبز، خرمن، سسئي ۽ ڪرن-95 | ڏکڻ سنڌ | پهرين نومبر کان 20 نومبر |
| | اتر سنڌ | 7 نومبر کان 30 نومبر |
| ٽي جي - 83، انمول - 91، سرسبز ۽ ڪرن-93، | ڏکڻ سنڌ | 21 نومبر کان 15 ڊسمبر |
| | اتر سنڌ | پهرين ڊسمبر کان 21 ڊسمبر |
| ٽي ڊي-1، سڪرنڊ-1، پٽائي ۽ مارئي - 2000، | سڄي سنڌ | پهرين نومبر کان 25 ڊسمبر |

## پوکڻ جا طريقا:

ڪڻڪ جي پوکي جا مروج ٽي طريقا آهن

1. ڇٽ ڪيرڻ 2. ڪُر يا گهڙبي 3. ناڙي پوک.

ڇٽ ڪيرڻ سارين کان پوءِ واندي ٿيل زمين لاءِ مناسب طريقو آهي، جڏهن ته سارين جي واندي ٿيل زمين ۾ زيرو ٽليج ناڙيءَ ذريعي پڻ پوکي ڪري سگهجي ٿي. پڪين، سم ۽ ڪلر وارين زمينن ۾ ڪُر يا گهُڙبي پوک ڪجي. پر ڪُر يا گهُڙبيءَ واري پوک لاءِ هڪ ته جڏهن زمين پاڻي ڪٽي وڃي ته پوءِ ٻج گپ ۾ ڇٽجي ۽ ٻج کي ڇٽڻ کان پهرين پاڻيءَ ۾ 8 کان 10 ڪلاڪ پسائڻ گهرجي. ٻج کي پاڻيءَ ۾ پسائڻ سان ٻج جو ڦوٽهڙو وڏيڪ ڀلو ٿيندو. اهڙي طرح ڀلين زمينن ۾ ڪڻڪ جي پوکي ناڙيءَ رستي ڪجي. ناڙي پوک ۾ گندگاهه جي ضابطي ۾ آساني ٿئي ٿي. ياڻ صحيح طريقي ڏجي ٿو. ٻج گهٽ استعمال ٿئي ٿو ۽ ڦوٽهڙو

پلو ٿيڻ سان گڏ ناڙي پوک پين جي مقابلي ۾ وڌيڪ پيداوار ڏئي ٿي.

### ٻج (ڪلوگرام في ايڪڙ):

| جنسون | ناڙيءَ ذريعي | ڇٽ ڪيڙ ذريعي | ڪُريا گهڙٻيءَ ذريعي | ڪرين تي پوک |
|---|---|---|---|---|
| آڳاٽي پوک | 50 | 55 | 60 | 60 |
| پاڇاٽي پوک | 60 | 65 | 70 | 70 |

### ڀاڻن جي گهرج:

عام طور تي سنڌ جون زمينون نائٽروجن، فاسفورس ۽ پوٽاش ۾ ڪمزور آهن. جڏهن ته عام آبادگار نائٽروجن ۽ فاسفورس وارا ڀاڻ ڪٽڪ کي ڏئي ٿو پر پوٽاش نٿو ڏئي. نائٽروجن ۽ فاسفورس ۾ به فاسفورس گهٽ ۽ نائٽروجن وڌيڪ ڏني وڃي ٿي جنهن جي ڪري گهربل پيداوار نٿي ملي. ان ڪري آبادگارن کي صلاح ٿي ڏجي ته ڪٽڪ پوکڻ کان پهرين پنهنجي زمين جي مٽي ڪنهن ويجهي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي چڪاس واري ليبارٽريءَ مان ضرور چڪاس ڪرائن ۽ ليبارٽريءَ جي ماهرن جي سفارشن مطابق ڀاڻ جو استعمال ڪن. جنهن سان ڀاڻ جو صحيح استعمال ٿيندو ۽ پيداوار پڻ سٺي لهندي. پر جيڪڏهن ڪنهن اڻٽر سبب جي ڪري مٽي چڪاس نه ٿي سگهي ته پوءِ سٺي زمين ۾ هيٺين ريت ڪٽڪ جي فصل کي ڀاڻ ڏيڻ گهرجي:

1. 1 ½ ٻوري ڊي اي پي، اڌ ٻوري يوريا ۽ هڪ ٻوري ايس او پي في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي.
2. ڪٽڪ جي ٽي ڊي-1 جنس کي 2 ٻوريون ڊي اي پي ۽ 3 کان 4 ٻوريون يوريا في ايڪڙ ڏجن.

### ڪٽڪ لاءِ مرحليوار پاڻيءَ جي ورهاست

| ڪل پاڻي | پهريون پاڻي ٽن هفتن يا 21 ڏينهن کان پوءِ | ٻيون پاڻي ڇهن هفتن يا 42 ڏينهن کان پوءِ | ٽيون پاڻي نون هفتن يا 63 ڏينهن کانپوءِ | چوٿون پاڻي ٻارهن هفتن يا 84 ڏينهن کانپوءِ | پنجون پاڻي پندرهن هفتن يا 105 ڏينهن کانپوءِ | ڇهون پاڻي ارڙهن هفتن يا 126 ڏينهن کان پوءِ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 6 | پن ڦاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | سنگ نڪرڻ وقت | ٻور اچڻ وقت | داڻي ۾ کير ٿيڻ وقت | داڻي ٻجڻ وقت |
| 5 | پن ڦاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | سنگ نڪرڻ وقت | - | داڻي ۾ کير ٿيڻ وقت | داڻي ٻجڻ وقت |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| 4 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | سنگ نڪرڻ وقت | - | داڻي ۾ کير ٿيڻ وقت | - |
| 3 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | - | سنگ نڪرڻ وقت | - | داڻي ۾ کير ٿيڻ وقت | - |
| 2 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | - | - | - | - |
| 1 | پن پاڙ نڪرڻ وقت | ٻوڙي ٻڌڻ وقت | - | - | - | - |

## گندگاهه:

سوڙهن پنن وارن گاهن لاءِ ٽاپڪ هڪ سؤ گرام في ايڪڙ ۽ ويڪرن پنن وارن گندگاهه لاءِ بڪٽرل سپر 300 کان 400 ملي لٽر في ايڪڙ ۽ سوڙهن ۽ ويڪرن گڏيل گندگاهن لاءِ ايفينٽي 600 کان 800 گرام في ايڪڙ ڏجي. سمورن زهرن کي 120 لٽر في ايڪڙ جي حساب سان پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. ڦوهاري لاءِ مشين ۾ گندگاهه وارو نوزل استعمال ڪجي.

## جيت ۽ بيماريون:

جيتن ۽ بيمارين جو گهٽو ڪري سنڌ جي ڪڻڪ ايجاد ٿيل ۽ سفارش ڪيل جنسن حملو نٿو ٿئي پر جيڪڏهن موسمي حالتن جي ڪري ڪٿي حملو نظر اچي ته جلد حد جي زرعي ماهر سان رابطو ڪجي ۽ جسنون صرف سنڌ جون سفارش ڪيل پوکڻ گهرجن.

## ڪڻڪ جو لابارو ۽ ڳاهه

ڪڻڪ مان في ايڪڙ بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ لابارو ۽ ڳاهه صحيح وقت تي ڪرڻ گهرجي، يعني ته اجا ڪڻڪ ٿوري ڪچي هجي ته لابارو نه ڪجي ۽ پڇي ويڃڻ کان پوءِ لاباري ۾ دير نه ڪجي جيڪڏهن ڪچي ڪڻڪ جو لابارو ڪيو ويو ته داڻا مارجي ويندا. وزن گهٽ ٿيندو ۽ ٻئي سال پوکڻ جي لائق نه رهندا ۽ پڻ مارڪيٽ ۾ اگهه به گهٽ ملندو ۽ وري پڇي ويڃڻ کان پوءِ لاباري ۾ گهڻي دير ڪئي وئي ته ڪڻڪ جا سنگ ٽٽي پوندا ۽ سنگ ۾ موجود داڻا ڇڻي ويندا. جنهن ڪري پيداوار گهٽجي ويندي.

جڏهن مارچ ۽ اپريل مهينن ۾ جيئن ئي گرمي وڌندي آهي ته ڪڻڪ جو فصل به پڇي

راس ٿيندو آهي. جڏهن ڪڻڪ جو رنگ سائي مان ڦري پيلو يا سونهري ٿي وڃي تيلا ۽ سنگ سڪي وڃن ۽ مڙڻ لڳن. سنگ کي ترڇيءَ تي رکي مهٽجي ته آرام سان داڻا نڪري اچن ۽ داڻا ڏندن جي زور تي ٽڪ ڪري ڀڄي پون ته سمجهجي ته ڪڻڪ جو فصل پچي راس ٿيو آهي. جڏهن 95 کان 98 سيڪڙو سنگ پچي وڃن ته لاباري ۾ دير نه ڪجي. لاباري ۾ 10 کان 15 ڏينهن دير ڪرڻ سان ڪڻڪ 5 کان 10 سيڪڙو ڇاڻو ڪري زيان ٿي وڃي ٿي. ان ڪري ايڏي نقصان کان بچڻ لاءِ وقت تي لابارو ڪرڻ تمام ضروري آهي.

لابارو هميشه صبح جو سوير يعني فجر جو شروع ڪجي ۽ منجهند کان اڳ ختم ڪجي، ڇو ته گرميءَ جو درجو وڌڻ ڪري سنگ ٽٽڻ ۽ داڻن ڇڻڻ جو انديشو هوندو آهي. لابارو زمين سان لائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن ٻهه وڌيڪ حاصل ٿئي لاباري ڪرڻ وقت تڪڙ بلڪل نه ڪجي، ڇو ته تڪڙ ڪرڻ ڪري ڪڻڪ ڇڻي زيان ٿيندي. سٿريون هڪ مهاڙيون ٺاهجن ۽ ڪوشش ڪري گڏ ڪري ڏيڻ ۽ سرن مان نهيل نوڙين يا نئين پراڻي واڻ سان ننڍا ننڍا گڏا ٻڌي ڇڏجن. ڇو ته هن وقت تيز هوا، برسات ۽ ڳڙي وغيره جو خطرو هوندو آهي. پوءِ جيڪڏهن گڏا ٻڌل نه هوندا ته ول ٽڙي پکڙي زيان ٿي ويندي. گڏن کي ٻن ٽن ڏينهن لاءِ ٻني ۾ رهڻ ڏجي ته جيئن ول چڱيءَ طرح سڪي وڃي ۽ ان ڳاهه جي مشين مان آساني سان صاف ٿي نڪري سگهي ۽ داڻا ڀڄي ٽٽي زيان نه ٿين. ڳاهه جو ڪم اس ۾ جڏهن ماڪ ختم ٿي وڃي ته پوءِ ڪرڻ گهرجي ۽ ٿريشر کي ڳاهه شروع ٿيڻ کان اڳ چڱيءَ طرح صاف ڪرڻ گهرجي ۽ ان ڳالهه جو خاص خيال رکجي ته ٿريشر کي جا ڪٽر تيز هجن ته جيئن ڳاهه واري ڪم ۾ دير نه ٿئي. ڳاهه دوران ٿريشر جو وقت بوقت معائنو ڪبو رهجي. تيز هوا هجي ته ٿريشر بند ڪرڻ گهرجي. عام هوا جي حالت ۾ هوا جي طرف کان هوا جهل ڪجي.

## ذخيرو:

ڪڻڪ کي ذخيري وارن جيتن کان بچاءَ لاءِ اَنُ ديري مان صاف ٻورين ۾ ڀرجي ۽ گندين پلين کي صاف ڪجي. گهرن ۾ ننڍي سطح تي ڪڻڪ ذخيرو ڪرڻ لاءِ ڪڻڪ کي چڱيءَ طرح اُس ۾ سڪائي صاف گنديءَ ۾ وجهي نم جا پن وجهي فاسٽاڪسن جون گوريون وجهي هوا بند ڪري ڪنهن ڪليل هوادار ۽ ڇانوري واري جاءِ تي رکڻ گهرجي. پر جي ڪڻڪ وڏي پئماني تي ذخيرو ڪرڻي هجي ته 2 ڪلو چُن 2 ڪلو توتيو الڳ الڳ پلاسٽڪ جي ٿانو ۾ 24 ڪلاڪ ڳاري ڪپڙ ڇاڻ ڪري 50 لٽر پاڻيءَ ۾ ملائي گدام جي پٽين، ڇت ۽ فرش تي پوچي ڪرڻ گهرجي. اهو عمل ڪڻڪ ذخيرو ڪرڻ کان هڪ مهينو اڳ ڪرڻ گهرجي ۽ بعد ۾ فاسٽاڪسن جون گوريون وجهي گدام کي هوا بند ڪجي.



# وڌيڪ معلومات ۽ رابطي لاءِ

## هدايت الله چڃڙو

ڊائريڪٽر جنرل
زرعي توسيع سنڌ

## غلام مصطفيٰ نانگراج

ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات
زرعي توسيع سنڌ

## پتو

**ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات**

زرعي توسيع سنڌ،
بلاڪ-ايف شهباز بلڊنگ حيدرآباد

## فون

0229200108،0229201276

Email:
dir.infoagriext@gmail.com

Dissemination of Agricultural Information among the farming community through demonstration plots & Farmers Field Days, Electronic and Print Media Phase-II